# فيضانِ خديجة الڪبريٰ

**7 March-2025**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

6 مارچ 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ: 6 رمضان شريف 1446ھ)

تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فيضانِ خديجة الڪبريٰ

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... 4 افضل جنتي عورتون

✿... يتيم ۽ مسڪين جي ڪفالت جون فضيلتون

✿... مولئٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي عاجزي ۽ انڪساري

✿... صلهٔ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

**For Feedback**: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

**اربعين عطار، قسط: 2، صفحو: 35، حديث پاڪ نمبر 35 آهي**

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى صَلَاةَ الْعَصْرِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ، فَقَالَ قَبْلَ اَنْ يَّقُوْمَ مِنْ مَقَامِهِ: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ، وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ تَسْلِيْماً۔ ثَمَانِيْنَ مَرَّةً غُفِرَتْ لَهٗ ذُنُوْبُ ثَمَانِيْنَ عَامًا، وَكُتِبَتْ لَهٗ عِبَادَةُ ثَمَانِيْنَ سَنَةً

ترجمو: جيڪو جمعي ڏينهن عصر جي نماز پڙهي پوءِ پنهنجي جاءِ تان اٿڻ کان اڳ 80 دفعا هي درود شريف پڙهي: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ، وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ تَسْلِيْماً ته ان جا 80 سال جا گناهه معاف ڪيا ويندا ۽ ان لاءِ 80 سال جي عبادت لکي ويندي. (1)

ایمان والوں سن لو فضیلت درود کی
قربت حضور کی ہے محبت درود کی
کاسہ عمل کا خالی تھا ایسا کرم ہوا
جنت میں لے گئی مجھے عادت درود کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1. افضل الصلوات للنبہانی، صفحہ:25۔

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي :اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي-[1]
اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهہ سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞با اَدَب ويهندس۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا سلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ! رمضان شريف جون برڪت ڀريون، نوراني ۽ پُر بهار گهڙيون آهن، رحمتن جي وسڪاري جو سلسلو جاري آهي، هر لمحو بابرڪت آهي. خوشنصيب آهن اهي ماڻهو ❁جيڪي ظاهري ۽ باطني آداب سان روزا رکي ❁ خوش دليءَ سان 20 رڪعتون تراويح پڙهي ❁ سحري ۽ افطاري جون برڪتون سَميٽي رمضان شريف جون بهارون ماڻي رهيا آهن ۽ نهايت ئي محروم ۽ بدنصيب آهن اهي ماڻهو ❁جيڪي انهن مبارڪ گهڙين ۾ بہ نيڪين کان محروم آهن ❁ روزا نہ ٿا رکن ❁ تراويحون نہ ٿا پڙهن يا جيڪڏهن پڙهن ٿا تہ پوريون نہ ٿا پڙهن ❁ بخشش، مغفرت ۽ رحمت جي هن عظيم مهيني ۾ بہ الله پاڪ ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا وارن ڪمن کان پري آهن.

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي اُمت ڪڏهن بہ ذليل ۽ رسوا نہ ٿيندي جيستائين هو رمضان المبارڪ جو حق ادا ڪندي رهندي. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! رمضان جو حق ضايع ڪرڻ ڇا آهي؟ فرمايائون: انهن جو هن مهيني ۾ حرام ڪم ڪرڻ. پوءِ فرمايائون: جنهن هن مهيني ۾ زنا ڪئي يا شراب پيتو تہ ايندڙ رمضان تائين

---

1... بخارى، كِتَاب بَدءُ الْوَحى، صفحہ:65، حديث:1۔

الله پاڪ ۽ جيترا بہ آسماني فرشتا آهن ان تي لعنت ڪندا رهندا ۽ جيڪڏهن اهڙو شخص اچڻ وارو رمضان ماڻڻ کان پهريان مري ويو تہ ان وٽ ڪا بہ اهڙي نيڪي نہ هوندي جيڪا ان کي دوزخ جي باهہ کان بچائي سگهي، بس توهان رمضان المبارڪ جي معاملي ۾ ڊڄو، ڇوتہ جهڙي طرح هن مهيني ۾ نيڪين جو ثواب ٻين مهينن جي مقابلي ۾ وڌايو ويندو آهي بلڪل اهڙي طرح گناهن جو عذاب بہ وڌايو ويندو آهي.(1)

الله پاڪ اسان سڀني کي رمضان المبارڪ ❁سنتي انداز ۾ ❁ الله جي رضا وارا ڪم ڪندي ❁ گهڙيءَ گهڙيءَ جو قدر ڪندي ❁ نيڪين ۾❁ عبادتن ۾ ❁ ذڪر ۽ فڪر ۾❁ قبر کي ياد ڪندي ❁ مديني جون يادون دل ۾ سانديندي ❁ حسنِ اخلاق جو مظاهرو ڪندي ❁ والدين جو ادب ڪندي ❁ عزيزن ۽ رشتيدارن سان ڀلائي ڪندي ❁ پاڙيسرين جا حق ادا ڪندي ❁ غريبن جي مدد ڪندي گذارڻ ۽ فيضانِ رمضان سان پنهنجون جهوليون ڀرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم.

| | |
|---|---|
| گناہوں کی نحوست بڑھ رہی ہے دم بدم مولیٰ! | میں توبہ پر نہیں رِہ پارہا ثابِت قدم مولیٰ! |
| میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں | مَہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ!(2) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت خديجة الڪبري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان شريف جي 10 تاريخ تي مسلمانن جي پياري امي جان، حَسَنَينِ ڪَرِيمَيْن ۽ سمورن ساداتِ ڪرام جي ناني جان حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جو ڏينهن ملهايو ويندو آهي. پاڻ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي پهرين زوجه محترمہ آهن.

---

1...معجم صغير، جلد:9، صفحہ:60، حديث:1488۔

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

هيءَ ڳالهہ ہر مسلمان کي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان جي پياري آقا، مڪّي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ازواجِ مطهره آهن کي أُمَّهَاتُ الْمُؤْمِنِين يعني مسلمانن جون مائرون چيو ويندو آهي. الله پاڪ، سيپاري: 21، سورة الاحزاب، جي آيت: 6 ۾ فرمائي ٿو:

اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَ اَزْوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمْ ؕ

ترجموڪنزالعرفان: هي نبي مسلمانن جو، انهن جي جانين کان وڌيڪ مالڪ آهي ۽ سندس گهرواريون انهن جون مائرون آهن.

معلوم ٿيو تہ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان جي جانين جا اسان کان بہ وڌيڪ مالڪ آهن ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جون پاڪ بيبيون اسان سڀني ايمان وارن جون مائرون آهن.

اہلِ اِسلام کی مادرانِ شفیق
بانُوانِ طہارت پہ لاکھوں سلام (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ 25 سال هئي، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي پنهنجي زوجيت ۾ قبول فرمايو.

سندن ڪنيت أُمِّ قاسِم آهي ۽ سڀ کان مشهور لقب اَلْكُبْرٰي آهي. پاڻ تمام پاڪباز، بهادر، بلند حوصلہ، باعزت، اعلیٰ نسب رکندڙ ۽ نهايت عقل مند خاتون هيون، انهن جي اعلیٰ اوصاف ۽ ڪمالات جي ڇا ڳالهہ ڪجي. ..!! جو زمانۂ جاهليت ۾ ئي کين طَاهِرَه (يعني پاڪ) ۽ سَيِّدَةُ قُرَيْش (يعني قريش جي سردار) جي لقب سان سڏيو ويندو هو. حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو هڪ پيارو لقب صِدِّيقه بہ آهي. [2]

1... حدائق بخشش، صفحہ:310۔

2... فيضانِ خديجة ُالكبرىٰ، صفحہ:36۔

**حديث شريف** ۾ آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هٰذِهٖ صِدِّيْقَةُ اُمَّتِيْ يعني هيءَ منهنجي امت جي صِدّيقه آهي.[1]

اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جون ڪُل 7 اولاد آهن، 4 شهزاديون (حضرت زينب، حضرت رقيّه، حضرت اُم ڪلثوم، خاتونِ جنت حضرت فاطمة الزهرا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ) ۽ 3 شهزادا (حضرت قاسم، حضرت عبدالله ۽ حضرت ابراهيم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ) انهن مان حضرت ابراهيم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ماريه قبطيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جا شهزادا آهن، باقي سمورو اولاد حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا مان آهي.

نبوت جي ڏهين سال، **رمضان شريف** جي 10 تاريخ تي حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جو وصال ٿيو، ان وقت سندن عمر مبارڪ 65 سال هئي.[2] انهن جي مزار مبارڪ مڪي مڪرم جي مشهور قبرستان جنّت المعلیٰ ۾ آهي.[3]

وہ اُمُّ الْمُسْلِمِیں جو مادرِ گیتی کی عزت ہے — وہ اُمُّ الْمُسْلِمِیں قدموں کے نیچے جس کے جنت ہے
خدیجہ طاہرہ یعنی نبی کی باوفا بی بی — شریکِ راحت و اندوہ پابندِ رضا بی بی
دیارِ جاودانی کی طرف راہی ہوئیں وہ بھی — گئیں دنیا سے آخر سوئے فردوسِ بریں وہ بھی[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چار افضل جنتي عورتون

حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: هڪ ڀيري اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم زمين تي چار ليڪا پاتا ۽ فرمايائون: ڇا توهان

---

1... تاريخِ مدينه دمشق،جلد:70،صفحه:118۔
2... امتاع الاسماع، فصل فی ذکر ازواج رسول، ام المؤمنين خديجة بنت خويلد،جلد:6صفحه:28۔
3 فيضانِ خديجۃُ الکبریٰ، صفحه:65۔
4... شاہنامہ اسلام،جلد:1،صفحه:135۔

كي خبر آهي تہ هي ڇا آهن؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمۡ عرض ڪيو: اَللّٰہُ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَمُ يعني الله پاڪ ۽ ان جو رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بهتر ڄاڻن ٿا. فرمايائون: جنتي عورتن ۾ سڀ کان وڌيڪ فضيلت واريون هي چار عورتون آهن: (1) خَدِيجَہ بنتِ خُوَيۡلِد يعني حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا (2) فاطِمہ بنتِ مُحَمَّد (3) فرعون جي زال آسيہ بنتِ مُزَاحِم ۽ حضرت عيسىٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جي والده محترمہ حضرت مَرۡيَم بنتِ عِمۡرَان (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُن). [1]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اوهان رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جون ڪجھ خاص خوبيون

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا کي ڪثير فضائل، مناقب ۽ خاصيتن سان نوازيو هو. هتي اسان سندن جون ڪجھ خاص خوبيون پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا: جيئن تہ (1) حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا سڀ کان پهريان نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نڪاح ۾ آيون. (2) رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن حياتِ مبارڪ ۾ ٻي شادي نہ ڪئي. (3) نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سموري اولاد، سواءِ حضرت ابراهيم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي، اوهان رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا مان پيدا ٿي. (4) پاڻ ئي سيني ساداتن جي ناني جان آهن. (6) عورتن ۾ سڀ کان پهريان سندن ئي اسلام قبول ڪيو. (6) نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پوءِ اسلام ۾ سڀ کان پهريان سندن ئي نماز ادا ڪئي.[2]

## هڪ ايمان افروز حديث پاڪ

بُخاري شريف جيڪو حديث پاڪ جو سيني کان معتبر ڪتاب آهي، ان ۾ هڪ ايمان افروز حديث پاڪ بيان ٿيل آهي، مان ڪجھ وضاحت ۽ تشريح سان اها حديث پاڪ بيان ڪيان ٿو، پوءِ ان حديث مان حاصل ٿيندڙ سبق پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اسان جي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي

---

1 مسند احمد، مسند بنی ھاشم، مسند عبد الله بن العباس...الخ،جلد:2صفحہ:241، حديث:2720۔

2 فيضانِ خديجۃ الکبرىٰ، صفحہ:59-62 ملتقطاً۔

عمر مبارڪ 40 سال تي چڪي هئي، ربيع الاول جي مهيني کان وحي جا آثار ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا، اهو هن طرح جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي سچا خواب ڏيکاريا ويا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڪجهه خواب ۾ ڏسندا هئا، هوبهو اُهو ئي ڪجهه ڏينهن ۾ سندن سامهون ٿي رهيو هوندو هو، تقريباً 6 مهينا انهيءَ انداز سان گذريا، ان کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دل ۾ تنهائي جي محبت داخل ڪئي وئي. رمضان شريف جو مبارڪ مهينو هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کاڌي پيتي جو ڪجهه سامان کڻيو ۽ غارِ حِرا ۾ تشريف وٺي ويا. ڪجهه ڏينهن غارِ حِرا ۾ الله پاڪ جي ياد ۽ عبادت ۾ مصروف رهيا پوءِ گهر موٽي آيا. مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ، حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ٻيهر کائڻ پيئڻ جو سامان تيار ڪري ڏنو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٻيهر غارِ حرا ۾ تشريف وٺي ويا، ڪافي ڏينهن تائين اهو سلسلو هلندو رهيو.

آخرڪار رمضان شريف جي 17 هين رات اچي وئي، پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم غارِ حرا ۾ ئي موجود هئا ته الله پاڪ جي حڪم سان حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام پهرين وحي کڻي نازل ٿيا. ان وقت سيپاري: 30، سورة علق جون ابتدائي چند آيتون نازل ٿيون، ارشاد ٿيو:

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَۚ(۱) خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍۚ(۲) اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُۙ(۳) الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِۙ(۴) عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ یَعْلَمْؕ(۵)

(پاره:30، سورة علق:1-5)

ترجموڪنزالعرفان: پنهنجي رب جي نالي سان پڙهه جنهن پيدا ڪيو. انسان کي رت جي دِڳَ مان ناهيو. پڙهه ۽ تنهنجو رب ئي سڀ کان وڏو ڪريم آهي. جنهن قلم سان لکڻ سيکاريو. انسان کي اهو سيکاريو جيڪو اهو نه ڄاڻيندو هو.

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زندگي مبارڪ جي هي جيڪا بابرڪت گهَڙِي هئي جنهن ۾ پهرين وحي نازل

تي، ڏاڍي مشڪل گهڙي هئي. قرآن ڪريم اهو عظيم ڪلام آهي، جنهن بابت الله پاڪ ارشاد فرمايو:

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَیْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْیَةِ اللّٰهِ ؕ

(پاره:28، سورة حشر:21)

ترجموڪنزالعرفان: جيڪڏهن اسان هي قرآن ڪنهن جبل تي لاهيون ها ته ضرور تون ان کي جهڪيل، الله جي خوف کان ذرا ذرا ڏسين ها.

يعني قرآن پاڪ جيڪڏهن جبلن تي به لاٿو وڃي ها ته جبل به خوف ۽ رعب جي ڪري ننڍڙا ننڍڙا ذرا ٿي وڃن ها، هن مان اندازو لڳايو ته محبوب مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دل، جنهن تي هي پاڪ ڪلام نازل ٿيو، ان وقت دل مبارڪ تي رب جي فيض جو ڪيڏو نه اثر ٿيو هوندو! پر قربان وڃان! هي منهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه دل آهي، جيڪڏهن جبل به هجن ها ته ذرا ذرا ٿي وڃن ها پر دلِ مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هن تجلي ۽ فيض کي قبول ڪري، جيئن هئي، تيئن ئي رهي. اعلیٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

دِل سمجھ سے وراء مگر یُوں کہوں | غنچۂ رازِ وحدت پہ لاکھوں سلام

**وضاحت:** اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هر هر عضو، هر هر ادا تي سلامن جا نذرانا پيش ڪيا آهن، جڏهن دل پاڪ لاءِ عرض ڪرڻ لڳا ته فرمايائون: دلِ مصطفيٰ اها عظيم دل آهي، جو مخلوق جي سمجهه ۾ ته ڪنهن به طرح اچي ئي نٿي سگهي، ها! ايترو چئي سگهان ٿو ته هيءَ پاڪ دل وحدت جي راز جي مُکڙي ۽ باغ آهي، ان تي به لکين سلام هجن!

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن پهرين وحي نازل ٿي ته پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دل هونئن ته مضبوط رهي، البته! هن فيضِ رباني جو هڪ رعب طاري ٿيو، جيئن ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم گهر ڏانهن تشريف کڻي آيا، پياري زوجه محترمه سَيّدَه خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا کي فرمايائون: مون کي چادر ويڙهيو، سَيّدَه خديجة الڪبریٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا چادر ويڙهي. ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن دلِ پاڪ تان رعبِ جي ڪيفيت ختم

تي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سڄو واقعو حضرت خديجہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي ٻڌايو ۽ فرمايائون: مون کي پنهنجي جان جو خوف آهي.

اِن موقعي تي حضرت خديجہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جيڪو خوبصورت ڪردار ادا ڪيو، يقين ڪيو! اهو انتهائي اعلىٰ ۽ بي مثال ڪردار آهي. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دلجوئي ڪندي عرض ڪيو: كَلَّا وَاللّٰهِ مَا يُخْزِيْكَ اللّٰهُ اَبَدًا يعني ايئن هرگز نہ ٿيندو، خدا جو قسم! اللّٰه پاڪ اوهان کي ڪڏهن بہ رسوا نہ فرمائيندو. ان ڪري جو ۞ اِنَّكَ لَتَصِلُ الرَّحِمَ بيشڪ اوهان صِلہءِ رحمي ڪندا آهيو ۞ وَتَحْمِلُ الْكَلَّ ڪمزورَن جو بارُ کڻندا آهيو ۞ وَتَكْسِبُ الْمَعْدُوْمَ محتاجن لاءِ ڪمائيندا آهيو. ۞ وَتَقْرِى الضَّيْفَ مهمان نوازي ڪندا آهيو ۞ وَتُعِيْنُ عَلٰى نَوَائِبِ الْحَقِّ يعني راهِ حق ۾ تڪليفون برداشت ڪندا آهيو.

| | |
|---|---|
| وہ نبیوں میں رحمت لقب پانے والے | مرادیں غریبوں کی بر لانے والے |
| مصیبت میں غیروں کے کام آنے والے | وہ اپنے پرائے کا غم کھانے والے |
| فقیروں کا ملجا، ضعیفوں کا ماوٰی | یتیموں کا والی، غُلاموں کا مولیٰ |
| اُتر کر حِرا سے سُوئے قوم آیا | اور اِک نسخۂ کیمیا ساتھ لایا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ هڪ خوبصورت روايت ڪجهہ مختصر وضاحت ۽ تشريح سان مون اوهان جي سامهون رکي، هن روايت ۾ اسان لاءِ گهڻا سبق موجود آهن.

## (1): اسلام عورت کي چاڙهنو

سڀ کان پهريان هن نقطي تي غور فرمايو! تہ هي اسلام جو بلڪل ابتدائي مرحلو آهي ۽ هن موقعي تي بہ اسان کي هڪ عورت پنهنجو مثالي ڪردار ادا ڪندي نظر اچي رهي آهي.

ٿورو دماغ تي زور ڏئي سوچيو! اها عظيم الشان هستي﴿۞﴾ جنهن جي نور کي الله پاڪ سڀ مخلوقات کان پهريان پيدا فرمايو﴿۞﴾ اڃان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تخليق به نه ٿي هئي، ان کان پهريان انهن جي سرِاقدس تي نبوت جو تاج سجايو ويو ﴿۞﴾ انهن جي ئي پاڪ نور جي برڪت هئي جو ملائڪن کان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سجدو ڪرايو ويو ﴿۞﴾ انهن جي ئي پاڪ نور جي برڪت هئي جو حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تي باهه کي گلزار بڻايو ويو ﴿۞﴾ انهن جي ئي پاڪ نور جي برڪت هئي جو حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي بدلي ۾ جنت مان گهيٽو موڪليو ويو ﴿۞﴾ هيءَ اها محبوب هستي آهي جو انهن جي دل ميري ٿئي، الله پاڪ کي هرگز قبول نه آهي ﴿۞﴾ انهن جي مبارڪ دل ذرو به غمگين ٿئي ته الله پاڪ سِدْرَةُ الْمُنْتَهٰى کان جبرئيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪلي، قرآني آيتون نازل ڪري، دل پاڪ کي تسلي ارشاد فرمائيندو آهي. جنهن جو ايڏو وڏو شان هجي، ڀلا سوچيو ته سهي! پهرين وحي جي موقعي تي انهن جي دلجُوئي جي خدمت انجام ڏيڻ لاءِ هڪ عورت جو انتخاب ڇو ڪيو ويو...؟

هن ۾ سبق آهي ته عورت، جنهن جي سماج ۾ ڪا به عزت نه هئي، جنهن کي ذلت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو، ڌيئرن کي ڄمڻ شرط ئي زنده دفن ڪيو ويندو هو ﴿۞﴾ ڌيءُ جي ڄمڻ تي منهن تي پريشاني جا آثار ظاهر ٿيندا هئا ﴿۞﴾ عورت جو جيڪڏهن مڙس فوت ٿي ويندو هو ته ان کي به مڙس سان گڏ زنده دفن ڪيو ويندو هو﴿۞﴾ عورت، جنهن کي منحوس، ناپاڪ ۽ نه ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا گندا لقب ڏنا ويندا هئا. اسلام اهو پاڪ دين آهي جنهن جو اڃان بلڪل ابتدائي مرحلو آهي، انهي مرحلي ۾ ئي هڪ عورت جي خدمتن کي شامل ڪري ان جي عزتن کي چار چنڊ لڳايا ويا.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! جيڪو اسلام پنهنجي بلڪل ابتدائي مرحلي ۾ ئي هڪ عورت کي ايترو عظيم شرف بخشي رهيو آهي، اُن اسلام جو نور جڏهن سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو هوندو، تڏهن ان عورت کي ڪهڙيون ڪهڙيون نه عزتون بخشيون هونديون.

اڄڪلهه جيڪي ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندا آهن، عورت جي آزادي جي نالي تي، معاذ الله! بي حيائي وارا جلوس ڪڍيا ويندا آهن، انتهائي بيهوده نعرا لڳايا ويندا آهن، هي صرف هڪ پروپيگنڊا آهي، هي صرف هَوائي ڳالهيون آهن، ڪڏهن اسلام کان پهريان جي دور ۾ اسلام کان پوءِ جي دور کي پاڻ ۾ ڀيٽي ڏسو! معلوم ٿي ويندو ته اسلام عورت کي ڪهڙي پَستيءَ مان ڪڍي، ڪيتري بلنديءَ تي پهچائي ڇڏيو آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِیْ عَلَیْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ۪

(پاره:2، سورة بقره:228)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ عورتن جي لاءِ به مردن تي شريعت جي مطابق اهڙو ئي حق آهي جهڙو (انهن جو) عورتن تي آهي.

يعني جهڙي طرح عورتن تي مڙسن جا حق ادا ڪرڻ واجب آهي، اهڙي طرح مڙسن تي به عورتن جا حق ادا ڪرڻ واجب آهي- (صراط الجنان)

اللهُ اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! قرآني آيت جو هي جملو عورتن جي حقَن جو اهو عظمت وارو دستاويز آهي، جيڪو قرآن کان سواءِ پوري دنيا ۾ ڪٿي به نظر نه ايندو. اها صرف قرآن پاڪ جي ئي خصوصيت آهي جو ان عورتن جي حقن کي اهڙي زور ۽ شدت سان بيان فرمايو آهي.

غرض ۽ مقصد اهو آهي ته اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسلام عورت کي گهڻو ڪجهه عطا فرمايو آهي، تمام گهڻي عزت، بلڪ عورت کي جيڪا به عزت ملي آهي، سڀ جي سڀ اسلام جي سبب ئي ملي آهي. قرآنِ پاڪ ۾ عورتن جو ڪهڙي انداز ۾ ذڪر آهي، عورتن جي حقن بابت اسلام ڪهڙيون تعليمات ڏنيون آهن، جيڪڏهن هن جي متعلق تفصيلي ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته مڪتبة المدينہ جي ڪتاب قرآن ۾ عورت جو مطالعو ڪيو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! معلوم ٿي ويندو ته اسلام عورت کي ڇا ڇا عطا فرمايو آهي. الله پاڪ اسان کي صحيح نظريا اختيار ڪرڻ ۽ دينِ اسلام کي چڱيءَ طرح سمجهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم.

## (2): حضرت خديجہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا جو علمي شان

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حديث ٻڌي، پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم غارِ حرا مان تشريف کڻي آيا، دلِ پاڪ تي رُعْب جي ڪيفيت هئي، فرمايائون: مون کي پنهنجي جان تي خوف آهي، جنهن تي حضرت خديجہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا دلجوئي ڪنديِ عرض ڪيو: كَلَّا وَاللّٰهِ مَا يُخْزِيْكَ اللّٰهُ اَبَدًا يعني ايئن هرگز نہ ٿيندو، خدا جو قسم! اللّٰه پاڪ اوهان کي ڪڏهن بہ رسوا نہ فرمائيندو، ڇوتہ ۞ بيشڪ توهان صلہٴ رحمي ڪندا آهيو ۞ ڪمزورن جو بار کڻندا آهيو ۞ محتاجن لاءِ ڪمائيندا آهيو مهمان نوازي ڪندا آهيو ۞ ۽ راهِ حق ۾ مشڪلاتون برداشت ڪندا آهيو.[1]

حضرت خديجہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا جي هن ارشاد مان معلوم ٿيندو آهي تہ پاڻ تمام گهڻي علم واري، اللّٰه پاڪ جي سڃاڻپ رکڻ واري، عظيم ترين خاتون هيون.[2] ڪين معلوم هو تہ پيارا اخلاق، پاڪيزه اوصاف ۽ ڪمالات جو انجام هميشہ سٺو ئي ٿيندو آهي، اللّٰه پاڪ سٺن اوصاف وارن کي ڪڏهن بہ رسوا نہ فرمائيندو آهي.

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! اڃان هي اسلام جو بلڪل شروعاتي مرحلو آهي، هن مرحلي تي حضرت خديجہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا يتيمَن جو سهارو بڻجڻ جي فضيلت بہ ڄاڻن ٿيون، ٻين جا غم ونڊڻ جي اهميت بہ سمجهن ٿيون ۽ اللّٰه پاڪ جي ايتري سڃاڻپ بہ رکن ٿيون جو اللّٰه پاڪ ڪهڙي شخص کي سزا ڏيندو آهي ۽ ڪنهن کي بلندي ۽ عروج سان نوازيندو آهي. سُبْحٰنَ اللّٰہ! جڏهن پهرين وحي نازل ٿيڻ وقت سندن علم جو اهو شان آهي، تہ سوچيو! پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کان ڪيتريون ئي قرآني آيتون سکڻ بعد ان علم ۾ ڪيترو اضافو ٿيو هوندو...!!

سِیَّمَا پہلی ماں، کہفِ اَمن و اَماں | حق گزارِ رفاقت پہ لاکھوں سلام[3]

[1]••• بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:66، حدیث:3-

[2]••• عمدۃ القاری، کتاب بدءالوحی، جلد:1، صفحہ:108، زیرِ حدیث:3-

[3]••• حدائقِ بخشش، صفحہ:310-

**وضاحت:** اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ الـلّٰـهِ عَلَيۡه الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه ازواج تي درود و سلام پيش ڪندي عرض ڪن ٿا: بالخصوص مؤمنن جي پهرين پياري امّي جان، حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللّٰهُ عنها جيڪي امن ۽ امان جو مڪان آهن، جن پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ ڏيڻ جو حق ادا ڪري ڇڏيو، انهن تي لکين سلام هجن.

## (3) اَنيس غمِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙي نازڪ صورتحال ۾ الله پاڪ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي پريشاني دور ڪرڻ، اوهان کي دلاسو ڏيڻ ۽ اوهان جي غم کي ختم ڪرڻ لاءِ **حضرت خديجة الڪبريٰ** رَضِيَ اللّٰهُ عنها جو انتخاب فرمايو. نه صرف اهو پر نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي زندگي ۾ جڏهن به ڪو غم ايندو هو ته **حضرت خديجه** رَضِيَ اللّٰهُ عنها ئي کين دلاسو ڏينديون هيون. جيئن ته حضرت علامہ محمد بن اسحاق مدني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: سيدِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جڏهن به ڪافرن جي طرفان ڪا ناپسنديده ڳالهه ٻڌي غمگين ٿي ويندا هئا ته ان ڪانپوءِ حضرت خديجه رَضِيَ اللّٰهُ عنها وٽ تشريف آڻيندا هئا ته الله پاڪ اوهان جي رنج ۽ غم جي ڪيفيت حضرت خديجه رَضِيَ اللّٰهُ عنها جي ذريعي دور فرمائيندو هو.[1]

| | |
|---|---|
| وہ اَنیسِ غمِ مُونِسِ بے کساں | وہ سُکونِ دلِ مالکِ اِنس وجاں |
| وہ شریکِ حَیاتِ شہِ لامکاں | سیِّما پہلی ماں کہفِ امن واماں |

حق گزارِ رفاقت پہ لاکھوں سلام (2)

وضاحت: بي ڪسن جي آقا، ٻنهي جهانن جي مالڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم جي غم جي رفيق، سندن دل جو سڪون، سندن شريڪِ حيات، اهلِ ايمان جي پهرين ماءُ،

---

1••• السيرة النبوية لابن اسحاق، تحديد ليلة القدر،جلد:1،صفحه:176۔

2... بهارِ عقيدت،صفحه:11۔

اهلِ ايمان جي بهترين پناهه گاهه ۽ مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ساٿ نڀائڻ جو حق ادا ڪندڙ شخصيت **حضرت خديجة الڪبري** رَضِيَ اللّٰهُ عنها تي لکين سلام هجن.

## (4) پياري آقا جا پيارا اخلاق

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت خديجه رَضِيَ اللّٰهُ عنها هن موقعي تي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **5** پيارن پيارن اخلاقن جو ذڪر ڪيو. سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيڏا نه حسين ۽ عظيم اخلاق آهن. **(1)** پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صلهءِ رحمي فرمائڻ وارا آهن **(2)** پاڻ ڪمزورن جو بارُ کڻڻ وارا آهن **(3)** پاڻ محتاجن لاءِ ڪمائڻ وار آهن **(4)** پاڻ مهمان نوازي فرمائڻ وارا آهن **(5)** ۽ راهِ حق ۾ مشڪلاتون برداشت ڪرڻ وارا آهن.

## پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يتيم جي مدد فرمائي

روايتن ۾ آهي: مڪي شريف ۾ هڪ يتيم ٻار هو، هِن اُمت جي فرعون يعني مڪي شريف جي تمام وڏي غير مسلم، ابوجهل ان يتيم جي پرورش جي ذميواري پنهنجي سِرَ تي کنئي ۽ اهو سڄو مال، جيڪو ان ٻار کي وراثت ۾ مليو هو، پنهنجي قبضي ۾ ونئي ڇڏيو.

هاڻي ٿيڻ ته ائين گهرجي ها ته ابو جهل ان يتيم ٻار جي چڱي نموني سارَ سنڀال ڪري ها، پر هي بدبخت جيئن ته غير مسلم هو، هن جي دل ۾ حرص ۽ حوس ڀريل هئي، تنهنڪري ان يتيم جي پرورش ڪرڻ بدران، اُبتو سندس مال تي قبضو ڪري ورتو. هڪ ڏينهن اهو يتيم ٻار ابوجهل وٽ آيو ۽ پنهنجو مال ان کان گهرڻ لڳو، جنهن تي بدبخت ابوجهل ان ويچاري يتيم کي ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو.

اهو ڏسي قريش جي ٻين سردارن ان يتيم کي چيو: تون محمد (مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وٽ وڃ! اُهي تنهنجي مدد ڪندا. قريش جي سردارن ته اها ڳالهه مذاق طور چئي هئي، انهن جو مقصد هو ته هي يتيم ٻار محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کان مدد گهرندو ۽ هو مدد ڪري نه سگهندا. پر انهن کي ڪهڙي

خبر...!! تہ هو رب ڪائنات جا محبوب آهن، اهي صرف اک جو اشارو فرمائي ڇڏين، تہ دنيا هيڏانهن کان هوڏانهن ٿي سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| غم ورَنج واَلَم اور سب بلاؤں کا مداوا ہو | اگر وہ گیسوؤں والا امر اِدِلدار ہو جائے |
| اشارہ پائے تو ڈوبا ہوا سورج بر آمد ہو | اٹھے انگلی تو مہ دو بلکہ دو دو چار ہو جائے (1) |

جن جي اشاري سان لٿل سج موٽي اچي، آڱر جو اشارو ڪن تہ چنڊ ٻہ ٽڪرا ٿي پئي، ڇا انهن جي چاهڻ سان هڪ يتيم ٻار جو ڏُک دور نہ ٿي سگهندو؟ مگر غير مسلم ڇا ڄاڻن حبيبِ خدا جو مقام...!!

خير! اهو يتيم ٻارُ ٻنهي جهانن جي تاجدار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي فرياد پيش ڪئي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ان ٻار کي ساڻ ڪري فوراً ابوجهل جي گهر تشريف وٺي ويا. قريش جا سردار سمجهي رهيا هئا تہ ابوجهل آڪڙ ڏيکاريندو، معاذَ الله! رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان گستاخيءَ وارو ورتاءُ ڪندو، مگر هي ڇا ...!! ابوجهل جيئن ئي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ ادب سان مرحبا چئي سندن استقبال ڪيو ۽ فوري طور يتيم جو مال ڪڍي اچي ان جي حوالي ڪري ڇڏيائين.

اهو ڏسي قريش جا ماڻهو حيران ٿي ويا، جڏهن انهن ابوجهل کان معاملو پڇيو تہ ابوجهل وراڻيو: خدا جو قسم! مون محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي هڪ نيزو ڏٺو، مون کي ڊپ ٿيو تہ جيڪڏهن مان سندن ڳالهہ نہ مڃي تہ هي نيزو مون کي چيري ڦاڙي ڇڏيندو. (2)

| | |
|---|---|
| مُعْطِی مطلب تمہارا ہر اِشارہ ہو گیا | جب اِشارہ ہو گیا، مطلب ہمارا ہو گیا |
| ڈوبتوں کا یا نبی کہتے ہی بیڑا پار تھا | غم کِنارے ہو گئے، پید اکِنارہ ہو گیا |

---

1... سامانِ بخشش ،صفحہ:172-174 ملتقطاً۔

2... اَلسِّيرَةُ الْحَلَبِيَّة، باب عرض قريش عليه ...الخ،جلد:1 ،صفحہ:445۔

نام تیرا، ذِکر تیرا، تُو ترا پیارا خیال | ناتوانوں، بے سہاروں کا سہارا ہو گیا(1)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله! هي آهي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو يتيمَن سان خيرخواهي جو انداز...!! الله پاڪ اسان کي بہ توفيق نصيب فرمائي! ڪاش! اسان بہ يتيمَن، غريبَن، بيڪَسَن جي مدد ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

## يتيم ۽ مسڪين جي ڪفالت جون فضيلتون

**(1)**: الله پاڪ جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مسلمانن ۾ بهترين گهر اهو آهي جنهن ۾ يتيم هجي ۽ ان سان سنو سلوڪ ڪيو وڃي ۽ مسلمانن ۾ بدترين گهر اهو آهي جنهن ۾ يتيم هجي ۽ ان سان بُرو سلوڪ ڪيو وڃي. (2)

**(2)**: حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مسڪين ماڻهو جنت ۾ مالدارن کان 40 سال پهريان داخل ٿيندا، اي عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا! مسڪين کي خالي نہ موٽاءِ توڙي جو ڪجور جي ٽڪرو ئي ڇو نہ هجي، ان کي ڏئي ڇڏ. اي عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْها! مسڪينن سان محبت ڪر، انهن کي ويجهو رک تہ جيئن الله پاڪ قيامت جي ڏينهن توکي ويجهو رکي.(3)

**(3)**: الله پاڪ جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص يتيم جي مٿي تي صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ هٿ ڦيري تہ جيترن وارن تي سندس هٿ ڦِريو، هر وار جي بدلي ۾ ان لاءِ نيڪيون آهن ۽ جيڪو

---

1...ذوقِ نعت،صفحہ:74 ملتقطاً۔

2...ابنِ ماجہ، کتاب الادب، باب حق الیتیم،صفحہ:593 ،حدیث:3679۔

3...ترمذی،کتاب الزہد،باب ما جاء ان فقراء المہاجرین...الخ،صفحہ:562 ،حدیث: 2352۔

شخص يتيم ڇوڪري يا يتيم ڇوڪريءَ تي احسان ڪري ته مان ۽ اُهو جنت ۾ (ٻه آڱريون ملائي) فرمايائون ته هن طرح هونداسين. (1)

هن حديث پاڪ جي حوالي سان مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يارخان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو شخص پنهنجي عزيز يا اجنبي يتيم جي مٿي تي محبت ۽ شفقت سان هٿ ڦيري ۽ اها محبت صرف الله ۽ رسول (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) جي رضا جي لاءِ هجي ته هر وارَ جي عيوض ان کي نيڪي ملندي. هي ثواب ته رڳو خالي هٿ ڦيرڻ جو آهي، پوءِ جيڪو ان تي مال خرچ ڪري، ان جي خدمت ڪري، ان کي تعليم ۽ تربيت ڏئي، سوچيو ته ان جو ثواب ڪيترو هوندو! (2)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت حليمه کي تحفو

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت خديجه الڪبريٰ رضى الله عنها ۾ اهو وصف موجود هو ته پاڻ ٻين جي ڀلائي ۽ خيرخواهي ڪنديون هيون.

هڪ دفعي الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضاعي والده حضرت حليمه سعديه رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهَا مڪي شريف ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه اقدس ۾ حاضر ٿيون ۽ ڏڪار سالي ۽ مال متاع جي هلاڪت جي شڪايت ڪيائون. ان وقت مُحَمَّدِ عربي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حضرت خديجه رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهَا سان شادي ٿي چڪي هئي. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سلسلي ۾ حضرت خديجه رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهَا سان ڳالهه ڪئي ته انهن حضرت حليمه سعديه رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهَا کي 40 ٻڪريون ۽ هڪ اُٺ تحفي طور پيش ڪيا.[3]

---

1...مسندِ امام احمد، جلد:9،صفحه:204، حديث:22922۔

2...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحه:562۔

[3] الطبقات الکبرىٰ،جلد:1، صفحه:92۔

سُبْحٰنَ اللہ! حضرت خديجہ الڪبريٰ رَضِیَ اللہُ عَنْھَا جي صلہ رحمي جو جذبو مرحبا! اسان کي بہ گهرجي تہ مسلمان ڀاءُ جي پريشاني دور ڪيون، جيڪڏهن ڪنهن کي قرض جي ضرورت هجي تہ قرض ڏئي ڇڏيون، ڪو ويچارو غريب هجي تہ ان جي مدد ڪيون، نابينا جو هٿ پڪڙي ان کي رستو پار ڪرايون، ۞معذور جي مدد ڪيون، ۞ گمراهن کي صحيح واٽ ٻڌايون ۞ ڪمزور جو سامان کڻڻ ۾ مدد ڪيون.
۞رمضان شريف جو پيارو مهينو پنهنجون رحمتون ۽ برڪتون لٽائي رهيو آهي، جيڪڏهن اللّٰہ پاڪ توفيق ڏئي تہ انهن مسلمان ڀائرن سان ڀلائي ڪيون، جيڪي مالي طور تي ڪمزور آهن. انهن جي علائقن ۾ وڃي افطار اجتماع جو اهتمام ڪيون، پنهنجي پاڙي ۽ علائقي جي غريب سفيد پوش مسلمانن جي گهرن ۾ افطار پهچايون، انهن لاءِ سحري جو بندوبست ڪريون. اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب ٿينديون.

## صلہءِ رحمي ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هي وصف بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ پاڻ صِلہءِ رحمي فرمائڻ وارا آهن.

صِلہ جو مطلب آهي: ڀلائي ۽ احسان ڪرڻ.رحم مان مراد رشتيداري آهي. يعني صِلہءِ رحمي جو مطلب ٿيو: رشتا جوڙڻ، يعني رشتيدارن سان نيڪي ۽ ڀلائي سان پيش اچڻ. اللّٰہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰی حَقَّہٗ<br>(پاره:15، سورۀ بنی اسرائيل:26) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ رشتيدارن کي انهن جو حق ڏيو. |

يعني پنهنجي رشتيدارن سان صِلہءِ رحمي ڪيو! انهن سان محبت ۽ ميل ميلاپ رکو! موقعي جي مناسبت سان انهن جي مدد ڪيو! ۽ انهن سان سٺا تعلقات رکو...!! [1]

---

[1] خزائن العرفان، پاره:15، سورۀ بنی اسرائيل، زيرِ آيت:26، صفحہ:530۔

# هتوهت پڪيءَ سان ناهه ڪري ڇڏيو

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ ڀيري رسولِ عربي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون احاديث بيان ڪري رهيا هئا، ان دورانَ فرمايائون: هر اهو ماڻهو، جيڪو رشتا ٽوڙڻ وارو آهي، اسان جي محفل مان اٿي وڃي. اهو ٻڌي هڪ نوجوان اُٿي پنهنجي ڦُڦيءَ وٽ ويو، جنهن سان ان جو ڪيترن ئي سالن ڪان پراڻو جهڳڙو هلندڙ هو. جڏهن ٻئي هڪ ٻئي ڪان راضي ٿي ويا، تہ ان نوجوان کي سندس ڦڦيءَ چيو تون وڃي ان جو سبب معلوم ڪر تہ آخر اهو ڪيئن ٿيو؟ (يعني ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي اهڙي اعلان ڪرڻ جي ڇا حڪمت آهي؟) نوجوان واپس وڃي جڏهن پڇيو تہ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: مون ٻنهي جهانن جي سردار، سرورِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪان ٻڌو آهي تہ **جنهن قوم ۾ رشتا ٽوڙڻ وارو هوندو آهي، ان قوم تي الله جي رحمت نازل نہ ٿيندي آهي.**[1]

جيڪي ٿوري ٿوري ڳالهہ تي پنهنجين ڀينرن، ڌيئرن، ڦڦين، ماسين، مامين، چاچين، ڀائٽين ۽ ڀاڻجن سان تعلق ٽوڙي ڇڏين ٿا، انهن لاءِ هن حديث پاڪ ۾ عبرت ئي عبرت آهي. هي بہ غور ڪيو تہ ڀهريان جا مسلمان ڪيتري قدر خوفِ خدا رکڻ وارا هئا! خوش نصيب نوجوان الله پاڪ جي خوف سبب فوراً پنهنجي ڦڦي وٽ پاڻ وڃي صلح ڪري ڇڏيو. سيني کي غور ڪرڻ گهرجي تہ اسان جي، خاندان ۾ ڪنهن ڪنهن سان ناراضگي آهي؟ جيڪڏهن ڪو شرعي عذر نہ هجي تہ فوراً ناراض رشتيدارن سان صلح ۽ صفائي ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن جهڪڻو بہ پوي تہ الله جي رضا خاطر جهڪي وڃو، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! سَربلندي نصيب ٿيندي.

# صلهءِ رحمي جا 10 فائدا

حضرت فقيہ ابوالليث سمرقندي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صلهءِ رحمي ڪرڻ جا **10** فائدا آهن: **(1):** الله پاڪ جي رضا حاصل ٿيندي آهي. **(2):** ماڻهن جي

---

1... الزواجر، جلد:2، صفحہ:136-137۔

خوشيءَ جو سبب آهي(3): فرشتن کي خوشي ٿيندي آهي (4): مسلمانن جي طرفان ان شخص جي تعريف ٿيندي آهي (5): شيطان کي ان سان ڏک پهچندو آهي (6): عمر وڌندي آهي (7):رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي (8): فوت ٿي ويل مسلمان اَبا ڏاڏا خوش ٿيندا آهن (9): پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي (10): وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿيندو آهي، جو ته ماڻهو ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم

## اجتماعي اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، فيضانِ رمضان حاصل ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. اَلْحَمْدُ لله! دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين جاين تي اجتماعي اعتڪاف به ڪرايو ويندو آهي، توهان به پورو رمضان شريف يا گهٽ ۾ گهٽ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم! رمضان شريف ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادتن جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ تمام گهڻو علمِ دين سکڻ جو موقعو پڻ ملندو.

| | |
|---|---|
| آئیں گی سنّتیں جائیں گی شامتیں | دینی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف |
| تم سدھر جاؤ گے، پاؤ گے برکتیں | دینی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... تَنبیہُ الغافِلین ، باب صلۃ الرحم، صفحہ:74۔

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 ڪان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ۞ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. ۞ تقريباً 16 هزار 500 ڪان وڌيڪ جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ ۽ ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات *(Specialization)*، فرائض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ۞ جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) جي طلبا جو تعداد 5 لک 30 هزار ڪان وڌيڪ آهي. ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هن وقت تائين تقريباً 74 هزار 887 مدارس المدينہ بالغان ۽ بالغات قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ پڙهندڙن جو تعداد تقريباً 4 لک 26 هزار ڪان وڌيڪ آهي. ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريباً 24 هزار طلبا ۽ طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ۞ هن وقت تائين تقريباً 21 دارالافتاء اهلسنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد هر ماهه اوسطاً 20 هزار آهي. ۞ المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) *(Islamic Research Center)* جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم ڪيو ويندو آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين 1784 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ٿي چڪو آهي. هن شعبي ۾ ڪيترائي مدني عالِمَ سڳورا خدمت انجام ڏئي رهيا آهن، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده پگهارون ڏيندي آهي. ۞ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو مڪتبة المدينہ قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتابن جي اشاعت ڪئي ويندي آهي، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتابَ ۽ رسالا مفت ۾ ورهائڻ) جو سلسلو بہ جاري آهي ۽ ڪتاب وڪرو بہ ڪيا ويندا آهن ۞ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذمّيدارَ موجود آهن. ۞ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ لاءِ ملڪ اندر ۽ ٻاهرين ملڪَن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون

وينديون آهن ۽ اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهه) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن. ۞ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي، ۞ پرنٽ ميڊيا (۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي7 وڏين ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ماهوار رسالو آهي) ۞ سوشل ميڊيا (جهڙوڪ يوٽيوب *(Youtube)*، فيس بُڪ *(Facebook)*، انسٽاگرام *(Instagram)* وغيره) تي تقريباً 100 اڪائونٽ موجود آهن، جن تي تقريباً **50 ملين** *(Million)* يعني 5 ڪروڙ فالورز آهن، جڏهن تہ ويوز *(Views)* جو تعداد بلينز *(Billions)* يعني 100 ڪروڙ کان بہ وڌيڪ ٿي چڪو آهي. ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي ٻولين ۾، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي ۞ آءِ ٽي جي شعبي طرفان هن وقت تائين 32 موبائل ايپلي ڪيشن ۽ 40 اسلامي ويب سائيٽس لانچ ڪيون ويون آهن ۞ سموري دنيا جي مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف *(FGRF)* جو شعبو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جي تحت هن وقت تائين: ۞ 34 **لک** 16 **هزار** 673 کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا آهن ۞ تقريباً 76 **لک** 82 **هزار** 958 ماڻهن جي مدد ڪئي وئي آهي ۞ 5 **هزار** 566 گهر تعمير ڪيا ويا آهن ۞ 75 **هزار** 721 خون جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هن وقت تائين 61 **هزار** 667 کان وڌيڪ مريض علاج لاءِ اچي چڪا آهن.

توهان بہ خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علائقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي بڻجڻ، سنتن تي عمل جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ نيڪين سان ڀرپور زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور شرڪت ڪريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون ڀلايون نصيب ٿينديون- 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم علائقائي دورو بہ آهي-

**حديث پاڪ جو خلاصو آهي:** جيڪو قدم الله جي راهہ ۾ مٽيءَ هاڻو ٿي وڃي، ان کي جهنم جي باهہ نہ ڇهندي[1] ❁ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ، برائيءَ کان منع ڪرڻ لاءِ گهر کان نڪرڻ بہ الله جي راهہ ۾ نڪرڻ آهي ❁ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰے صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ بازارن ۾ تشريف وٺي ويندا هئا ❁مختلف قبيلن ۾ وڃي بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا هئا-

۞ دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ ان پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۞ گهر گهر، دڪان دڪان وڃي نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي ۞ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي ۞ نماز پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي ۞ اسان ان کي علائقائي دورو چوندا آهيون. توهان بہ عاشقانِ رسول سان گڏجي علائقائي دورو ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ۞ سنتِ انبياء تي عمل ڪرڻ جي سعادت ملندي ۞ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ۞ حديث پاڪ موجب نيڪيءَ جو رستو ڏيکارڻ وارو، نيڪي ڪرڻ واري مثل آهي[2] ۞ جيڪڏهن اسان جي نيڪيءَ جي دعوت سان هڪ شخص بہ نيڪ نمازي بڻجي ويو تہ يقين ڪيو! ٻاڙ ڪلي پوندا. اچو، ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

---

1... مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔

2... ترمذی، صفحہ:628، حديث:2670ملتقطاً۔

# مسجد جي طرف هلي پيا

سنڌ جي شهر ٽنڊو آدم ۾ 3 ڏينهن لاءِ عاشقانِ رسول جو هڪ قافلو پهتو- نمازِ عصر ڪان پوءِ گونگا ۽ ٻوڙا اسلامي ڀائر عام اسلامي ڀائرن سان گڏجي علائقائي دوري لاءِ ويا، اهي مسجد جي ويجهو هڪ ميدان ۾ ڪرڪيٽ کيڏندڙ نوجوانن وٽ پهتا ۽ انهن کي نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪرڻ لاءِ ويجهو اچڻ جي درخواست ڪئي. پوءِ هڪ عام اسلامي ڀاءُ چيو ته اسان سان گڏ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيت کان محروم اسلامي ڀائر به آهن، جيڪي اوهان کي اشارن جي زبان ۾ نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندا- تنهن کان پوءِ گونگي ۽ ٻوڙي اسلامي ڀاءُ اشارن جي زبان ۾ نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪئي ۽ اتي موجود ماڻهن کي مسجد ڏانهن هلڻ جي دعوت به ڏني، عام اسلامي ڀاءُ به هن ريت ترغيب ڏني ته هي اسلامي ڀائر ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي صلاحيت کان محروم هجڻ جي باوجود به نيڪيءَ جي دعوت لاءِ نڪتا آهن، الله پاڪ اسان کي انهن نعمتن سان نوازيو آهي، جيڪڏهن اسان انهن جي دعوت تي مسجد ڏانهن هلنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! هنن جي دل خوش ٿيندي اهو ٻڌي اهي ڪرڪيٽ کيڏندڙ نوجوان ڪنڌ هيٺ ڪري مبلغ سان گڏ مسجد ڏانهن روانا ٿي ويا.

# ڪجهه ضروري اعلان

۞ هر ڇنڇر تي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي رات (نماز تراويح کان پوءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، (رمضان شريف ۾ روزانو عصر جي نماز ۽ تراويح جي نماز کان بعد مسلسل مدني مذاڪرن جو سلسلو ٿيندو رهندو) جنهن ۾ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. تمام ذميداران ۽ عاشقانِ رسول پاڻ به ان مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن- ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **”مني شين جي باري ۾ 15 سوال جواب“**رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو، ٻين کي به ترغيب

ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الهي ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر *(Share)* ڪيو!

۞ مڪتبةُ المدينہ عاشقانِ رسول جي لاءِ پيش ڪري رهيو آهي هڪ نهايت ئي پيارو ڪتاب "**سُورتن جو تعارف**" هن ۾ توهان سُورتن جو مختصر تعارف، انهن جو مقام نزول، فضائل ۽ مضامين وغيره. ايئن ئي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ترجمي ۽ مختلف تفسيرن کي نظر ۾ رکندي جديد ۽ آسان انداز ۾ ٿيل قرآن جو ترجمو **كَنْزُ الْعِرْفَان** پڻ شامل آهي.

**سُورتن جا فضائل**: 225 روپيہ **كَنْزُالْعِرْفَان**: 2800 روپيہ ۾ **مڪتبة المدينہ** جي ڪنهن بہ شاخ تان قيمت ڏئي حاصل ڪريو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ گذارڻ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان- تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## واعدي جي پابندي ڪرڻ سنت آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: **(1)** جيڪو واعدو پورو نہ ٿو ڪري ان جو ڪوئي ايمان نہ آهي [2] **(2)** جيڪو مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان واعدي

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2...مصنف اِبْنِ اَبی شيبہ، كتاب الايمان، جلد:7صفحہ:223۔

خلافي ڪندو آهي تہ الله پاڪ، ان جا فرشتا ۽ تمام انسان ان شخص تي لعنت ڪندا آهن.[1]

اي عاشقانِ رسول! واعدو پورو ڪرڻ سنتِ مصطفیٰ بلڪ سنتِ انبياء آهي ۞ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واعدي جا نهايت پڪا هئا ۞ ۽ وعدو ٽوڙڻ کي سخت ناپسند فرمائيندا هئا ۞ اعلانِ نبوت کان پهريان هڪ دفعي هڪ شخص پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: اوهان هتي ترسو! مان ٿوري دير ۾ اچان ٿو، اهو شخص هليو ويو پر ڪانئس واپس اچڻ وسري ويو، 3 ڏينهن کان پوءِ کيس ياد آيو ۽ جڏهن هو ان جاءِ تي پهتو تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن گذرڻ جي باوجود بہ اتي ئي تشريف فرما آهن ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت، رحمت ۽ حسنِ اخلاق ڏسو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي دڙڪا نہ ڏنا، ڪاوڙ جو اظهار نہ ڪيائون، بس ايترو فرمايائون: اي شخص! تون مون کي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو.[2] الله پاڪ اسان کي بہ سنتِ سرڪار تي عمل ڪندي واعدا پورو ڪرڻ وارو بڻائي-

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مکتبة المدينہ جي **بهارِ شريعت** جلد **3** جو حصو **16** ۽ **شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد ڪيو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

1...بخاری، کتاب الجزْیہ، صفحہ:815، حدیث:3179-

2...اَبُو داؤد، کتاب ادب، باب فی العدۃ، صفحہ:781، حدیث:4996-

الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

1 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صلی اللہ علیہ وسلم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص4125

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[3] … ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455